UNIDO
UNITED NATIONS INDUSTRIAL DEVELOPMENT ORGANIZATION

پائيدار PAIDAR

act AIMING CHANGE FOR TOMORROW

Funded by the European Union

# اظهاردلچسپي لاءِ گذارش ( مرحلو چوٿون)

## ننڍي سطح تي ڪاروبارقائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد ( Micro Grants)

## سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت گهٽائڻ ۽ مجموعي ترقي جو پروگرام ( PAIDAR )

پائيدارسنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي خاتمي ۽ مجموعي ترقي وارو پنجن سالن جو پروگرام آهي، جنهن جي مالي سهائتا يورپي يونين پاران ڪئي ويئي آهي. ان پروگرام جو مقصد سنڌ حڪومت ڪي سنڌ جي پنجن ضلعن ۾ "غربت گهٽائڻ جي حڪمت عملي (Poverty Reduction Strategy)" تي عمل درآمد ۾ مدد ڪرڻ آهي.

پائيدار منصوبي جو ڊگهي مدت وارو مقصد سنڌ صوبي جي غريب عورتن، مردن ۽ نوجوانن لاءِ غربت گهٽائڻ ۽ معيشيت جي بهتري ۾ حصو وٺڻ آهي. مٿين مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پائيدار منصوبو فني / ٽيڪنيڪل مد ۾ صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ تربيت ڏيڻ سان گڏوگڏ مناسب تعداد ۾ ماڻهن جي ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ ۽ نئين ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد (گرانٽ) پڻ ڏيندو. گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ جو ادارو يونائيڊو سنڌ ۾ PAIDAR پروگرام کي هلائڻ جو انتظام مختلف ڪاروباري پائيوارن ذريعي ڪري رهيو آهي. ايڪٽ انٽرنيشنل ٺٽه ضلعي ۾ پائيدار منصوبي جي مائڪرو گرانٽس ڪمپونٽ (ننڍي / وچولي سطح جي ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ ننڍي مالي مدد) تي عملدرآمد ڪري رهيو آهي ته جيئن ننڍي سطح جا ڪاروبار قائم ڪري سگهجن.

ايڪٽ انٽرنيشنل ٺٽه ضلعي جي اهل / قابل ڪاروباري ماڻهن کي ننڍي مالي مدد (مائڪرو گرانٽس) ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي ته جيئن اهي ماڻهو ننڍي ڪاروبارن کي قائم ڪن يا هلندڙ ڪاروبارن کي وڌائين يا ڪاروبارن ۾ نت نوان تصور شامل ڪن. اهي مقامي سطح جا ڪاروبار آمدني پيدا ڪرڻ، نوڪري برقرار رکڻ ۽ نيون نوڪريون پيدا ڪرڻ جي مضبوط صلاحيت رکندا هجن. اهي انفرادي ڪاروباري ماڻهو جيڪي ٺٽه ضلعي ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا. اهليت جي معيار تي پورو لهندڙ ڪاروباري ماڻهن جي لاء رهنمائي طور ممڪنه ڪاروبارن جي لسٽ (فهرست) هيٺ ڏجي ٿي. ان کان علاوه به ڪنهن ٻي قابل عمل (ٽيڪ جوڳي) ڪاروبار لاءِ گرانٽ پڻ ڏئي سگهجي ٿي. جديد قسم جا ڪاروبار يا ٽيڪنالاجي تي مبني ڪاروبارن کي ترجيح ڏني ويندي. ننڍي گرانٽ جي حد 10,000 اکرين ڏه هزار يورو يا ان کي پاڪستاني 33 لک روپين جي برابر بيان ڪري سگهجي ٿو.

| نمبر | مختلف ڪاروبارن جي فهرست | نمبر | مختلف ڪاروبارن جي فهرست |
|---|---|---|---|
| 01 | 1. مختلف ٻجن جهڙوڪ سورج مکي، سرنهن، تر، ڪپهه جي ڪڪڙن وغيره مان تيل ٺاهڻ<br>2. آئل ايڪسپيلر يا گهاڻو لڳائڻ<br>3. فوڊ پروسيسنگ ۽ کاڌو ٺاهڻ سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>4. ڪينڊي ڪيٽري (ننڍي سطح تي ٽافيون ٺاهڻ | 02 | 1. ويليو چين انڊسٽري؛ ٽماٽر ڪيچپ ٺاهڻ ۽ مرچ ساس وغيره<br>2. تعميراتي شيون جهڙوڪ سيمينٽ بلاڪ، ٽائلس، پيور، ماربل چپس، پيهر استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ مان شيون ٺاهڻ |
| 03 | 5. کير مان مختلف شيون ٺاهڻ جهڙوڪ سچو گيهه، مائو، مکڻ، پنير، ڏهي وغيره<br>6. پاپڙ، مٺايون، آچار، جوس، آئيس ڪريم، بيڪريءِ چاڪليٽ ڪاروبار وغيره | 04 | 3. مختلف ننڍا ننڍا ڪاروبار جنهن ۾هٿ جو هنر جنهن ۾ مختلف مشينري ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري سگهجي ٿو<br>4. بوٽ، سينڊل ۽ جتيون ٺاهڻ جو ڪارخانو<br>5. فرنيچر ۽ دستڪاري وغيره |
| 05 | 7. آٽو انجنيرنگ / آٽو مڪينڪل/ اليڪٽرڪ ورڪشاپ<br>8. گاڏين جي مرمت ڪرڻ ۽ حصا ٺاهڻ، ٽائر پنچر ۽ ويل الائينمينٽ ورڪشاپ وغيره | 06 | 6. سياحت ۽ ٽوئرزم سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>7. هوٽل ۽ ريسٽورينٽ<br>8. لانڊري / ڌوٻي<br>9. پينا فليڪس ۽ بينر جي ڇپائي وغيره |
| 7 | 9. ڊيڪوريشن،ڪيٽرنگ، ۽ تقريبن جي انتظام جون خدمتون<br>10. ڪار / گاڏين ڌوئڻ جي سروس<br>11. اسپتالون، ميڊيڪل سينٽرز،ڪلينڪ وغيره | 8 | 10. مڇي، جهينگن ۽ ڪيڪڙن جي پالنا، مارڪيٽنگ، پيڪنگ ۽ پيڪيجنگ جو ڪاروبار وغيره<br>11. وڏي سمونڊ ۾ تجارتي مڇي مارڻ واري ٻيڙي هلائڻ مڪمل سامان سميت |
| **انهن سان ملندڙ ٻيا به ڪيترائي ڪاروبار ٿي سگهن ٿا جن لاء به درخواست ڏئي سگهجي ٿي** | | | |

ٻي ڳالهه ته ڪجهه اهڙا ڪاروبار جهڙوڪ انفرا اسٽرڪچر يا تعميراتي ڪم، زمين يا عمارت جي خريداري، ڪنهن به قسم جي گاڏين جي خريداري، آمدني نه وڌائڻ وارا ڪاروبار، زراعت، کير جي وڪري ۽ چوپائي مال جي خريد فروخت سان لاڳاپيل ڪاروبارن جي مد ۾ گرانٽس نه ڏني ويندي.

دلچسپي رکندڙ اميدوارن کي گذارش آهي ته اهي ضلعي ٺٽي جي ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مان گرانٽ جي لاءِ درخواست ۽ ڀرپور تفصيلي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا. درخواست فارم ۽ تفصيلي هدايتون ايڪٽ انٽرنيشنل جي ويب سائيٽ www.act-international.org تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون. درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 10 جولاءِ 2026 آهي. مقرر تاريخ کانپوءِ ڪا به درخواست وصول نه ڪئي ويندي. درخواست فارم ۾ ڏنل ڀرپور معيار ۽ صلاحيت رکندڙ (ڪاروبار ڪندڙ عورتن) جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ٿي ته اهي (مائڪرو گرانٽس) مالي مدد لاءِ درخواست ڏين ۽ ننڍي سطح تي ڪاروبار ڪن. صرف معيار تي پورو لهندڙ درخواستگذارن سان رابطو ڪيو ويندو.

ايڪٽ انٽرنيشنل پروجيڪٽ آفيس. گهر نمبر اي 25 ، ڪوآپريٽو هائسنگ سوسائٽي زينب هاسپيٽل روڊ مڪلي ٺٽو، سنڌ، پاڪستان.

رابطو لاءِ؛ 0334-5195184; email: jabbar@act-international.org; website: www.act-international.org. ڪاروبار يا شڪايت لاءِ؛ +92 311 1999899

**نوٽ؛ صرف مڪمل دستاويزن سان ڀريل، اهل ۽ معيار تي پورين لهندڙ درخواستگذارن سان رابطو ڪيو ويندو ۽ انهن ئي درخواستن تي غور ڪريو ويندو.**